# منڇر جي حفاظتي بند جي ٻوڏ کان بچاءُ واري ڍانچي جي بحالي لاءِ ماحولياتي ۽ سماجي انتظامن جي تجزئي جو خلاصو












## سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن پروجيڪٽ


سنڌ فلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن پروجيڪٽ
(پروجيڪٽ امپليمينٽيشن يونٽ)
آبپاشي کاتو


مئي، 2023ع

# سنڌ ۾ ٻوڏ جي حالت ۾ هنگامي بنيادن تي بحالي واري رٿا

## 1. خلاصو

سنڌ فِلڊ ايمرجنسي ريهيبليٽيشن پروجيڪٽ (Sindh Flood Emergency Rehabilitation Project-SFERP) تحت تازين ٻوڏن سبب ٿيل نقصان جي اثرن کي گهٽائڻ ۽ مستقبل ۾ ان کي محفوظ بڻائڻ لاءِ رٿا تحت ٻوڏ جي خطري کان محفوظ ڍانچي جي بحالي آبپاشي ۽ نيڪال جي سرشتي جي بحالي ۽ ٻوڏ کان محفوظ ننڍن ڍَمن جي اڏاوت ۽ حفاظتي بندن جي مرمت وارا سڌارا آندا ويندا.

ان کان علاوه، جاٽايل رٿا تحت هڪ ڪروڙ 20 لک جي آبادي لاءِ مختلف سڌاري وارا ڪم پڻ شامل ڪيا ويا آهن، جنهن ۾ 18 لک 10 هزار گهر ۽ 37 لک، 70 هزار ايڪڙن تي ٻڌل فصل کي ٻوڏ کان محفوظ بڻائڻ جو عمل بہ شامل آهي.

ماحولياتي ۽ سماجي انتظامن جي رٿا (Environmental & Social Management Plan-ESMP) کي 5 مختلف حصن ۾ ورهايو ويو آهي: جنهن جو پهريون حصو: ڍانچي جي بحالي سان گڏوگڏ هنگامي بنيادن تي ٻوڏ کان بچاءُ وارن بندن تي لڳل گهارن ۽ روٽين کي بند ڪرڻ واري عمل تي مشتمل آهي, ٻيون حصو: روزگار جي موقعن بابت مدد ڪرڻ, ٽيون حصو صلاحيت وڌائڻ ۽ فني مدد ڪرڻ جي سلسلي ۾ ادارتي استحڪام آڻڻ آهي، چوٿون حصو: رٿا جي ڪاروهنوار ۽ عملدرآمد جي سلسلي ۾ خرچن جي لاڳت آهي, ۽ پنجون ۽ آخري حصو ٻوڏ جي صورتحال ۾ هنگامي بنيادن تي ترت اپاءُ وٺڻ آهي.

رٿا جي پهرين حصي: (يعني بنيادي ڍانچي جي بحالي) ۾ ماحولياتي ۽ سماجي اثرن بابت نشاندهي ڪرڻ ۽ بنيادي ڍانچي جي بحالي بابت قدم کنيا ويا آهن، جيڪي رٿا جي حڪمت عملي جو ذيلي عنصر يا حصو آهن جنهن۾ ٻوڏ کان بچاءُ واري ڍانچي جي بحالي وارو عمل شامل آهي. ٻوڏ کان بچاءُ جي ذيلي عنصر ۾ منڇرڍنڊ جي بند جي مضبوطي ۽ گهارن توڙي روٽين کي بند ڪرڻ وارو عمل شامل آهي.

ٻيهر بحالي جا ڪم رستي جي موجوده حق (Right of Way-RoW) تائين محدود آهن، جنهن جي نتيجي ۾ تجويز ڪيل رٿا کي منفي ماحولياتي اثرن کي منهن ڏيڻو پوندو جيڪي عارضي ۽ ڪم واري هنڌ تائين محدود هوندا. سنڌ ۾ ٻوڏ جي حالتن ۾هنگامي بنيادن تي بحالي واري رٿا (Sindh Flood Emergency Rehabilitation Project-SFERP) جي ماحولياتي ۽ سماجي انتظامي منصوبي (Environmental & Social Management Plan-ESMP) تحت ابتدائي اسڪريننگ جي سلسلي ۾ رٿا تحت تجويز ڏجي ٿي تہ جاٽايل رٿا جي سڌارن ۾ ماحولياتي ۽ سماجي خطرن کي وچولن درجن جو هيٺ گهرجي. اهي خطرا عارضي بنيادن تي ۽ ختم ڪرڻ جوڳا هيٺ گهرجن ۽ رٿا جي اصل مقصدن جي جٽادار بنيادن تي اثرانداز ٿيڻ جوڳا نہ هيٺ گهرجن. ان ڏس ۾ ماحولياتي ۽ سماجي انتظامن واري رٿا (Environmental & Social Management Plan-ESMP) کي وچولي درجي جي خطرن جي ذيلي منصوبي جي گهرجن جي پورائي لاءِ جوڙيو ويو آهي.

سنڌ جي ماحولياتي تحفظ واري قانون (Sindh Environmental Protection Act/Sindh-EPA) موجب، بحالي جي ڪمن سبب جاٽايل ذيلي رٿائون سنڌ جي ماحولياتي تحفظ واري 2014ع جي قانون (Sindh Environmental Protection Act-2014) جي ويهين شق جي ذمري ۾ اچن ٿيون. تنهن ڪري سنڌ جي ماحولياتي تحفظ واري اداري (Sindh Environmental Protection Agency-SEPA) وٽ ماحولياتي انتظامن جي رٿا (Environment Management Plan-EMP) جوڙي وئي ۽ ان ڪانپوءِ جمع ڪرائي وئي آهي ۽ ان جي اين او سي پڻ حاصل ڪئي وئي آهي، جيڪا انهي دستاويز سان گڏ ڏنل آهي.

ان کان علاوه ذيلي رٿا جي اسڪريننگ دوران ماحولياتي ۽ سماجي مسئلن کي پڻ شامل ڪيو ويو آهي، انفرادي جائزي لاءِ سروي پڻ ڪئي وئي ۽ سروي دوران ماحولياتي ۽ سماجي خدشن جو خلاصو پڻ رڪارڊ ڪيو ويو آهي. بحالي جا وڏا ڪم رستي جي حقن جي

ذمري ۾ ئي رهندا. رستي جي حقن ۾ ڪٽي به سرڪاري بنيادي ڍانچا يا ڪاروباري سرگرميون ناهن. جڏهن ته اڻ سڌي ريت اثرن جو اندازو 200 ميٽرن يا 650 فوٽن تائين لڳايو ويو آهي، ذيلي رٿا جي هنڌن ويجهو (500 ميٽرن اندر) قديمي آثارن جو ڪو به ماڳ ناهي ڏٺو ويو، ۽ تجويز ڪيل ذيلي رٿا جي هنڌن وٽ يا ان جي پرپاسي ڪي به ثقافتي ماڳ ناهن مليا جيڪي اڏاوتي ڪم سبب متاثر ٿي سگهن. اڏاوتن پرسان يا ان جي آسپاس ڪٽي به قبرستان ناهي. بحالي جي تجويز ڪيل ڪمن جي ويجهو ڪجھ رهائشي آباديون موجود هيون پراهي رستن جي حق دائري کان ٻاهر آهن. اڏاوتي مرحلي دوران، ڪجھ حساس عمارتون جهڙوڪ مسجدون، بنيادي صحت مرڪز، قبرستان وغيره اڻ سڌي طرح متاثر ٿي سگهن ٿا پر ان جو اثرعارضي هوندو ۽ ان جو مدو 9 مهينا هوندو، جنهن لاءِ حفاظتي قدم کڻي اثرن کي گهٽائي سگهجي ٿو. اهو اندازو لڳايو ويو آهي ته بحالي جي سرگرمين دوران مقامي قسم جا 25 وڻ هٽايا ويندا پر قدرتي ماحول جي بچاءُ لاءِ ڪم ڪندڙ عالمي تنظيم (International Union for Conservation of Nature-IUCN) جي طئہ ڪيل معيارن موجب اهي وڻ خطري هيٺ ناهن. ان ڏس ۾ 1:5 جي سراسري (يعني هڪ وڻ جي جاءِ تي متبادل طور 5 ٻوٽا لڳائڻ) سان ٻوٽا لڳائي ان جو ازالو ڪري سگهجي ٿو. اڏاوتي ڪم جي شروعات کان اڳ وڻن جي انوينٽري (لسٽ) تيار ڪئي ويندي. تجويز ڪيل ذيلي رٿا جي ڪم جي ويجهو ڪي به محفوظ قرار ڏنل ٻيلا يا جهنگ موجود ناهن. ساڳي ريت جيستائين ذيلي رٿا جي ڪم واري هنڌ بابت خدشن جو تعلق آهي ته اتي ڪنهن به قسم جا مقامي يا پرڏيهي سطح تي خطري هيٺ آيل ٻوٽا، جهنگلي يا پالتو جانور موجود ناهن.

اهڙين ذيلي رٿائن تحت اڏاوتي ڪم لاءِ ڪا به خانگي زمين گهربل ناهي ڇاڪاڻ ته اهڙي قسم جون رٿائون رستن جي حقن تائين محدود هونديون آهن جيڪي رياست جي ملڪيت آهن.

ڪوهستان يا جابلو علائقي ۽ سنڌوءَ درياءَ جي وچ ۾ اهو علائقو وسيع متاڃري تي ٻڌل آهي، جنهن جي هڪ وچولي قطار يا لڪير (اتر کان ڏکڻ ڏانهن) آهي جيڪا هڪڙي پاسي کان سنڌوءَ درياءَ جي سطح کان قدرن هيٺ آهي، ٻئي پاسي پهاڙي سلسلي جي وڏين وڏين ٽڪرن جي وچ ۾ ننڍين ننڍين ٽڪرين جو تسلسل جڙيل آهي ۽ اهڙي هيناهين ذريعي پهاڙي وهڪرن ۽ بئراجي واهن جو پاڻي منڇر ڍنڍ جو رستو ڳولي ٿو. عام طور تي مٽي ذرخير آهي، جنهن ۾ ڇن، رڃ، مٽي، چيڪي مٽي ۽ لٽ هوندو آهي. جنهن جي ڪمزور ساخت هوندي آهي.

پاڪستان بلڊنگ ڪوڊ 2007ع (Pakistan Building Code of Pakistan, 2007) موجب ذيلي رٿا جا علائقا جتادار بنيادن جي چال (Peak Ground Acceleration-PGA) موجب 0.08 کان 0.10 جي وچ ۾ هئڻ سبب هيناهين واري زون 2 اي ۾ شمار ٿين ٿا. اهو گهٽ خطري جي امڪان وارو علائقو آهي، جنهن جو مطلب اهي اهڙا علائقا آهن جن ۾ زلزلي جا امڪان تمام گهٽ آهن. ڄامشورو ضلعي جي آبهوا کي وسيع پئماني تي خشڪ قسم جي درجي طور قرار ڏئي سگهجي ٿو، ان جو ڪارڻ مٿانهون گرمي پد، تمام ٿوري گهم ۽ ماڪ آهي. گرمين جي موسم ۾، اترئين پاسي وارو علائقو(سيوهڻ) ضلعي جي ٻين علائقن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ گرم علائقو آهي، جيڪو سياري جي موسم ۾ معمول موجب هجي هو. گرمي جي موسم ۾ گرمي پد جي شرح 32 سينٽي گريڊ ۽ سياري جي موسم ۾ 23 سينٽي گريڊ هوندي آهي. ڄاڻايل علائقي ۾ برسات جي ساليانی شرح 125 ملي ميٽر آهي.

آبهوا جي حساب سان ڏنو وڃي ته ساموندي هوائون مقامي موسم تي اثرانداز ٿين ٿيون جيڪي مارچ کان آڪٽوبر تائين گهلن ٿيون، جنهن سبب گرمي جي شدت ۾ ڪجھ گهٽتائي ٿئي ٿي. ساليانو 170 ملي ميٽر جي شرح سان گهٽ وڌ برساتون ٿين ٿيون. جولائي کان سيپٽمبر تائين ماحول تي مون سون جو اثر ڇانيل رهي ٿو.

ذيلي رٿا جي مختلف ماڳن تان نمونا حاصل ڪرڻ لاءِ ٽيسٽ ليبارٽري جي ماهرن پاران خدمتون سرانجام ڏنيون ويون ۽ (سنڌ انوائرمينٽل پروٽيڪشن ايجنسي پاران منظور ٿيل) ڊڪوم ليبارٽري مان ان جو تجزيو ڪيو ويو. ڄاڻايل نمونن جي چڪاس سنڌ جي ماحولياتي معيارن جي طئہ ڪيل 2016ع جي معيارن (Sindh Environmental Quality Standard-2016) تحت چڪاس ڪئي وئي. تجزئي دوران اهو معلوم ٿيو ته نمڪياتي مواد (جنهن جو ڪارڻ خطي جو فطري عمل آهي) ڪانسواءِ ٻيون زهريليون ڌاتون طئہ ڪيل يا مقرر حدن کان تمام گهٽيون هيٺ آهن (جنهن کي سنڌ انوائرمينٽل ڪوالٽي اسٽينڊرڊ پاران بيان ڪيو ويو آهي).

منفي اثرن جو اندازو رڳو اڏاوتي مرحلي دوران ئي لڳائي سگهجي ٿو، جيڪو رڳو 9 مهينن تائين جاري رهندو. بهرحال، تعميراتي ڪم دوران رپورٽ ۾ تجويز ڪيل اثرن ڪي گهٽائڻ وارن قدمن تي ٺيڪيدارن پاران سختي سان عملدرآمد ڪي يقيني بڻايو ويندو. ان ڪان علاوه ڇاٽايل ذيلي رٿا لاءِ عارضي بنيادن لاءِ سهولتون جهڙوڪ (ڪئمپ جي علائقي جو قيام، سامان ذخيرو ڪرڻ جو هنڌ يا پارڪنگ جو علائقو وغيره) موجود صاف يا بنجر زمين تي قائم ڪيا ويندا تہ جيئن ان جي جهنگلي جيوت تي پوندڙ اثرن ڪي گهٽ کان گهٽ ڪري سگهجي. ٻيو تہ، عارضي توڙي مستقل بنيادن تي ڪو بہ رستو نہ ٺاهيو ويندو، موجوده جيڪو بہ رستو هوندو اهو ئي استعمال ڪيو ويندو. ان ڪان علاوه، رٿا جي تڪميل ڪانپوءِ ڪنهن بہ قسم جي مشينري ۽ اوزار وغيره استعمال ڪرڻ جي ضرورت نہ پوندي.

بيمارين ۽ حادثن کان بچاءُ لاءِ لڳاتار معائني ذريعي پيشوراڻي صحت ۽ حفاظت ڪي يقيني بڻايو ويندو، پورهيتن ۽ مقامي ماڻهن ۾ جاڳرتا پيدا ڪرڻ، صفائي لاءِ قدم کڻڻ، هنگامي بنيادن تي اپاءُ وٺڻ ۽ ڪم ڪندڙن لاءِ صحت جون مناسب حفاظتي سهوليتون، پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي ۽ ڪچرو نڪاڻي لڳائڻ لاءِ ردي جون ٽوڪريون رکڻ واري عمل ڪي يقيني بڻايو ويندو. اهي سمورا قدم ڇاٽايل رٿا (SFERP) تحت پورهيتن جي ڪم ڪرڻ جي انتظامي طريقيڪارن (Labor Management Procedures-LMP) مطابق آهن.

سنڌ ۾ ٻوڏ جي حالتن ۾ هنگامي بنيادن تي بحالي واري رٿا (SFERP) توڙي موجوده ماحولياتي ۽ سماجي انتظامن واري رٿا(ESMP) تي عملدرآمد جي مجموعي طور ذميواري سنڌ جي آبپاشي کاتي پاران رٿا جي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر جي نگراني ۾ قائم ڪيل عملدرآمد واري يونٽ (PIU-SFERP, Sindh Irrigation Department) جي آهي. رٿا تي عملدرآمد واري يونٽ پاران رٿا تي عملدرآمد لاءِ ڪنسلٽنٽ (Project Implementation Consultant-PIC) کي پڻ شامل ڪيو ويو آهي، جيڪو اڏاوتي ڪمن جي نگراني جو ذميوار آهي. آخر ۾، اڏاوتي ڪم جي ٺيڪيدار وٽ هڪ ماحولياتي، سماجي، صحت ۽ حفاظتي/پورهيتن لاءِ مخصوص هڪ عملدار پڻ هوندو جيڪو عملدرآمد جي سلسلي ۾ اثرن ڪي گهٽ کان گهٽ ڪرڻ توڙي ماحولياتي سماجي انتظامي رٿا جي ٻين گهرجن کي نظر ۾ رکندي انهن تي عملدرآمد جي سلسلي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندو.

ماحولياتي ۽ سماجي انتظامي رٿا تي عملدرآمد لاءِ 95 لک، 46 هزار، 900 روپين تي ٻڌل هڪ الڳ بجيٽ رکي وئي آهي. ذيلي رٿا تحت عام مقامي ماڻهن جي سهائتا لاءِ 10 لک رپين جي رقم رکي وئي آهي. ان کي بل ۾ ماحولياتي ۽ سماجي انتظامي رٿا (ESMP) جي عارضي اسم جي رقم طور شامل ڪيو ويو آهي.